


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# پيالا گل پلاند ۾

(غزلن جو مجموعو)

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

اياز ”گل“

سنڌي اديبن جي سهڪاري سنگت، حيدرآباد سنڌ
١٩٨٠ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڇاپو پهريون        ڊسمبر، ١٩٨٠ع        تعداد ١٠٠٠

[شاعر جا سڀ حق ۽ واسطا قائم]

قيمت : آٺ روپيا

هيءُ ڪتاب سردار پرنٽنگ پريس، گاڏي کاتو، حيدرآباد سنڌ ۾
ڇپيو ۽ محمد ابراهيم جويي، صدر، سنڌي اديبن جي سهڪاري
سنگت، ٨ - ٽه ماڙ، منظور چيمبرس، گاڏي کاتي، حيدرآباد سنڌ
مان پڌرو ڪيو.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# فهرست

مهاڳ (محمد ابراهيم جويو) ١–٨

غزل

آڌيءَ ويلي تنهنجي تات ٩
مون سان ڳنڍجي گهار، نه گهار ١٠
درد کو جنهن ۾ ناهي دوستُ! ١١
پيار جو ديپ جلائي ڇڏيو ١٢
دل ٿي چاهي، ساري هستي، داؤ لڳائڻ چاهيان ٿو ١٣
سچ ظاهر ٿئي ٿو زهرن ۾ ١٤
اوندهه ۾ جڻ ديپ ٻريل ١٥
سدائين آهي جو، هر شخص کان وساريو ويو ١٦
ڳلڙا ڳلڙا ڳوڙهن هاڻا ١٧
نڪو سات مون سان ڏُئي ٿي سگهين ١٨
’اياز‘ آهي، اُداسيون ۽ تنهايون هِن ١٩
وقت ها ڦٽ، جيڪي اُڌيڙي ڇڏيا ٢٠
تنهنجا ڳوڙهن سان يار! آلا نيڻ ٢١
تنهنجون راهون تڪڻ اجايو آ ٢٢
ميرا ڪپڙا رهن ٿا، شيو، وڌيل ٢٣
جنهن ۾ ڪنهن جو سات نه سنگ ٢٤
ڪنهن کي سارڻ جو اهڃاڻ ٢٥
تنهنجيِي هڪ وينگس، واهڻ! ٢٦
شهر اونداهه ۾ چو پيو ٻوڙي ٢٧
چنڊُ چڙهيو جي ڦاهي ٢٨
هاڻي هرڪو پڇڻ لڳو آهي ٢٩

| | |
|---|---|
| تنهنجون راهون تڪن اجايو آ | ٣٠ |
| گوري رنگ رنگيلي آهي | ٣١ |
| حقيقتون ڪي، ڪي خوابُ چهرا | ٣٢ |
| جيسين ڪوئي ڊولو ناهي | ٣٣ |
| هيڪل دل ويچاري آهي | ٣٤ |
| مُٺ گلن سان پريي جيڪا | ٣٥ |
| چور آهن وري آٿيا تر جا | ٣٦ |
| ڪيڏا پيا پلجن ٿا ڪوٽ | ٣٧ |
| ذهن لوچي ۽ لچي ٿڪي تو | ٣٨ |
| توکان دور رهون ٿا | ٣٩ |
| گهڻُ ڪي گهٽائڻُ ڏيو | ٤٠ |
| تون جي ايندين سڪ ڪٺي | ٤١ |
| چنگ چڙندا رهن | ٤٢ |
| تو سان سنڌڙي پيارُ ڪيو سي | ٤٣ |
| سچ سچائيندا، ڏسجو! | ٤٤ |
| سنڌ تي ساهه ڏيو | ٤٥ |
| مُرڪي چڪيا تي چڙهندو | ٤٦ |
| پيار پريت جا ڪي پُوڄاري | ٤٧ |
| پيار جو انت اچي ويو آخر | ٤٨ |
| قدم پڇي پل پورا ٿي پٽي.... | ٤٩ |
| جڏهن بہ سچ جو سڏ ٿئي تو | ٥٠ |
| هلبو هاڻي لڏي لڏي | ٥١ |
| هرڪنهن دل ۾ دردن ديرو | ٥٢ |
| مون سچ! تو سان هر ڳالهه، آهي سليي | ٥٣ |
| آءُ ڪيون ڪا روح رهاڻ | ٥٤ |
| اسان پيي اوهان جو ڏنو پيار پيارا! | ٥٥ |
| ڪهاڻيون انهن تہ ڪروڙن تمن پر.... | ٥٦ |


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

| | |
|---|---|
| سورن سان جي سينو ساهڻ | ٥٧ |
| پاڻ وٽ هاڻي يادون رهيون هڻ چڙيون | ٥٨ |
| ڪويل! جهيڻو جهيڻو ڳاءِ | ٥٩ |
| عمر ڪلندي گذارجي سائين | ٦٠ |
| لڙي منهنجي من ۾ ليٿو پاءِ تون | ٦٢ |
| وڃي وساري ويٺين ڍول | ٦٣ |
| منڙا منهنجي نگريءَ آءُ | ٦٤ |
| اوهان ڪوڙ کي سچ ڄاتو سدائين | ٦٥ |
| پٿر جهڙيءَ دل وارن سان.... | ٦٦ |
| نينهَن جو مينهُن نرالو آهي | ٦٧ |
| ديوي! دل ۾ يادون تنهنجون.... | ٦٨ |
| سُرها ٿي پيا ساهه | ٦٩ |
| غمَ گهايلُ ڇڏيو ڪري سائين! | ٧٠ |
| تون ڏي چوندين ڪنولَ | ٧١ |
| عشق عجب ڏي رنگ رچايو | ٧٣ |
| ڇا جي ناهيون هيرن سان.... | ٧٤ |
| چمپا! منهنجي غزلن کي... | ٧٦ |
| ساهه ۾ سانديل ساجنُ آهي | ٧٨ |
| مصنوعيت کان ٻاهر آهي... | ٧٩ |


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

۾ ڪو ڪتابن جو ڪيٽ موجود ٿي ڏنو...“ اِهي انگلنڊ جون ٽي سؤ سال پراڻيون ڳالهيون، افسوس، اسان وٽ اڄ به گهٽي قدر اُئين ئي موجود آهن، ۽ بلڪل اُئين اکين سان ڏسجن به پيون — جيتوڻيڪ اُنهن ۾ هاڻي ڪجهه ڪجهه اميدافزا ڦيري اچڻ جا آثار به نمودار ٿيا آهن.

تازو، ڪي چار مهينا ٿيندا ته بي-بي-سيءَ وارن ڪان ڪنهن سوال ڪيو هو ته ”اوهين پنهنجي ملڪ جي سڀ کان بهتر ڪهڙي ڳالهه يا خوبي سمجهو ٿا؟“ سوال جو جواب هُنن ڏنو ته ”هڪ ڳالهه نه پر به ڳالهيون — هڪ، **اسان جي ٻولي**، جنهن کي اسان هيترو ڏاهيو، وڌايو ۽ پنهنجي ساهه جو ترجمان بنايو آهي؛ ۽ ٻي، اسان جي سماج ۾ سدا گهُلندڙ **آزاديءَ جي هوا**، جنهن ۾ اسين هيترو سُکڻ ۽ سوچيا جو ساهه کڻون ٿا!“ ڪاش، اسين به پنهنجي لاءِ ڪڏهن ائين چئي سگهون. بهرحال، اُن ڏس ۾ اسين، سڀ گڏجي توڙي هڪ هڪ ٿي، ڪوشش ته، ڪنهن به حالت ۾ ۽ هر وقت، ڪري سگهون ٿا.

زندگيءَ ۾ سُکڻ، سوچيا ۽ ساڃهه آڻڻ ۽ اُن کي ثمر بار، پُر مسرت ۽ مترنم بنائڻ لاءِ اُن سان عشق ضروري آهي — ۽ شاعر، جن جو زندگيءَ سان ٻين کان وڌيڪ عشق هوندو آهي، تن لاءِ هڪڙي اهل دل شخص، اوشانسي (O'Shaughnessy) جو چوڻ آهي، جيڪو پاڻ به شاعر هو (۽ انگريز هو، ۽ وردس ورٿ جو ئي همعصر هو—) ته:

”اسين [شاعر] موسيقيءَ جا خلقيندڙ آهيون،
”۽ اسين خوابن جا خواب لهندڙ آهيون،
”هيڪلا ساموندي ڪنارن سان هلندڙ،
”۽ اڪيلا نهرن جي ڪنارن تي ويهندڙ،
”دنيا وڃائڻ وارا ۽ دنيا کي هٿان ڇڏيندڙ،
”جن تي اڪثر رات جي پوئين پهر اُپائڪو چنڊ چمڪندو آهي—
”پر پوءِ به، اسين چوريندڙ آهيون ۽ ڌوڏيندڙ آهيون
”دنيا جا، هر حالت ۾ ۽ هميشه — ثابت اِئين ٿيل آهي.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هاڻي، اهو پڙهندڙن تي ڇڏيل آهي ته اياز ”گل“ جي هن غزلن جي ڪتاب کي هو ڪيترو پنهنجو ڪن ٿا ۽ پائين ٿا، ۽ اُنهن مان هو شاعر جي من جو ڪهڙو امنگ ۽ ترنگ جهٽين ٿا ۽ هن جي روح، ذهن يا دل جو ڪهڙو ڪو خواب ڏسي ۽ پنهنجو ڪري سگهن ٿا ـــ ڇو ته

”ذهنُ لوچي ۽ لڇي ڦٿڪي ٿو
پوءِ ئي شعر ڪو لکيو ٿئي ٿو.“
(”پيلا گل پلاند ۾“، ص ٣٨)

اياز ”گل“ اسان جو نوجوان ساٿي آهي. شروع ١٩٥٩ع جو سال سندس جنم جو سال آهي. اڃا پڙهي پيو. هيستائين هُن ”سوچون، سرها گل“ (تاج جوئيي جي شراڪت ۾)، ”گل ۽ تارا“ (ٻارن لاءِ شعرن جو مجموعو) ۽ هيءَ ”پيلا گل پلاند ۾“ (غزلن جو مجموعو)ـ ٽي شعري ڪتاب رچيا، ڇاپرايا ۽ شايع ڪيا آهن. هيءَ ڪتاب به، هڪ هزار ڪاپين جي ڀرتين ڇاپي ۾ پاڻ پنهنجي خرچ تي ڇاپرايو اٿس. اسان جي ”سهڪاري سنگت“ کي، شايد ”ڏنڊ“ طور يا ”نذراني“ ۾، هڪ سؤ ڪاپيون سنگت جي ميمبرن ۾ ورهائڻ ۽ اخبارن ۽ رسالن وغيره کي تبصري لاءِ ڏيڻ واسطي، تحفو به ڪري ڏيندو، جنهن لاءِ افسوس، اسين سندس ٿلها ٿورائتا ٿي ئي سگهنداسون. اسان وٽ اسان جا نثرنويس ۽ شاعر اِجهو اُئين بنان سود نثرڪاريءَ ۽ شعرڪاريءَ ۾ وڏيءَ مدت کان مصروف آهن. هاڻي ته زربازن به بنان سود زرڪاري شروع ڪئي آهي ـــ البت ان ۾ ڪين سندن زر به محفوظ ۽ سُود کان ڪجهه مٿيري ”نفعي“ جي به پڪ تي معلوم ٿئي. پر اسان جي نثرڪارن ۽ شعرڪارن جي ذهن جا املهه موتي ۽ انهن جي روح جا اعليٰ امنگ ۽ زخميل جگر جا خونبار لالَ ۽ جواهر پارا ته ائين بنان سود ۽ پڻ بنان ”نفعي“ جي رولبا ٿا رهن ـــ نه فقط رولبا پر، خاص طرح سنڌي اعليٰ شعرُ ته ضبطيءَ جي بي نُور ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اسين سڀ ٻه اِهو ئي چاهيون ٿا- شاعرَ اسان جي خاموش دلين جا آواز آهن- هو زندگيءَ جي ساهه جا ترجمان ٿين ٿا- اُچو ته انهن جو قدر ڪريون، انهن کي پڙهون، انهن جي ٻوليءَ کي سمجهون ۽ انهن جا خواب پنهنجي دلين جا خواب ٻڻايون، ۽ انهن کي ساڀيان ڪرڻ لاءِ ڪجهه ڪريون، ڪجهه سورَ سهون-

ڪڏهن ڪانهه سڻئي ته ڪا سڳهي گڏِي سڄڻين!
(شاهه)

حيدرآباد سنڌ

١٦ ڊسمبر، ١٩٨٠ع

محمد ابراهيم جويو

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گھر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# پيلا گل پلاند ۽

(غزلن جو مجموعو)

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پيلا گل پلانڊ ۾، وينگس ڳاڙهو ويس،
ڍڪيو سارو ڏيس، آئي ٻوءِ بسنت جي.
(شيخ اياز)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

●

دردُ کو جنهن ۾ ناهي دوستَ!
سا دل پٿرُ آهي دوستَ!

مُنهنجيءَ دل ۾ پيارُ آ تُنهنجو
تُنهنجيءَ دل ۾ ڇاهي دوستَ؟!

جيونُ سُهڻو ٿي پوندو آ
ڪو جي ڪنهن کي چاهي دوستَ!

ڪروڙين قُربَ اوهان جا آهن
ڪهڙا لاهيون، لاهي دوستَ!

ياڳِتَ تہ پنهنجي وَسَ ۾ آهن
ڇڏبا ڪنهن ڏينهن ڦاهي دوستَ!

سچُ تہ پٿرَ تي ليڪو آ
ڪيرُ اُنهيءَ کي ڊاهي دوستَ!

ميريءَ قاتلَ جهولَ ۾ مُنهنجي
هڪڙو پيو گُل ناهي دوستَ!

—

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

●

پيارَ جو ديپُ جلائي ڇڏبو
لڱون ڪنهن ساڻُ تہ لائي ڇڏبو

تُنهنجي گهولا ٻر پرين! ٻيو تہ ڌهيو
پاڻُ پنهنجو ٻہ وڃائي! ڇڏبو

آءٌ پيتڪان تو، پلي پيتڪان، ٻر
توکي منزل تي پڄائي ڇڏبو

تُنهنجي راهُن تان ڏکن جو ٻيرو
پنهنجي راهُن ڏي مٽائي ڇڏبو

دوستؔ!، هڪوار چئي ڏس تہ سهي
توکي روئي ٻہ کِلائي ڇڏبو

دردؔ، ديوانگي، يادون تُنهنجون
دل کي ڪنهن سان تہ سڄائي ڇڏبو

---

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

●

دل ٿي چاهي، ساري هستي، داوَ لڳائڻ چاهيان ٿو
پنهنجو وڃائي ٻيو پيارا! توکي پائڻ چاهيان ٿو

ماڻهن جا الزامَ سوين پر، ڪوئي ته ”چاهيندو هوندو
پاڻ ڀڳائڻُ ڪڏهن نه چاهيم، پاڻ وڃائڻ چاهيان ٿو؛

هيءَ جو ڪُجهه پيو آءَ لِڪان ٿو، ڪنهن تي ڪو احسان نه آ
ڌرتيءَ جو ڪو قرضُ آ جيڪو، آءُ چُڪائڻ چاهيان ٿو

سونهن، سچائي ناهي جنهن ۾، ڳالهه نه سا ڳالهوڙو آهي
ڌرتيءَ ڪان جا ڳالهه الڳ، سا ڳالهه ٻڌائڻ چاهيان ٿو

ڪُم تي جنهن ۾، ڏهي وڃن سڀُ، گهنگهور آنڌيرا نفرت جا
پيارَ جو اهڙو روشن روشن، ديپ جلائڻ چاهيان ٿو

---

•

سچُ ظاهر ٿئي ٿو زَهرن ۾
پيار پلندو رهي ٿو پٿرن ۾

مون کي ڳوٺن ۾ جيو پيا ڳوليو
مان تہ گم ٿي ويو هانءُ شهرن ۾

ڪيترا داڳ مون ڏٺا يارو!
ميڙني ماڻهن جي صاف چهرن ۾

هاڻو، هڪ چهري کي ڏسي ٿي آچي
مات بيچين دل جي لهرن ۾

ساڻُ يادُن جو آ هُجوم، ۽ مان
پوءِ بہ تنها اُداس پهرن ۾

---

●

ڳتلڙا ڳتلڙا ڳوڙهن هاڻا
پرينءَ پڄاڻا، پريت پڄاڻا

ڪنهن جي چنپڙن ۾ مرڪڻ تان
صدقي سهڻن جا سئو ماڻا

ڏرتي! توسان لانوان لهندا
منهنجا جذبا هن ساماڻا

هانءَ نه هاريو، ور ور ٻاريو
واءَ ۾ جيڪي ديپ اجهاڻا

آونداهين راتين ۾ منهنجا
گيت انهن جيئڻ کي تانڊاڻا

وڏڙن وڏڙا ٻار ڪلهن تي
خوش آياڻا، سورن سياڻا

پڙڪو ڏئي آزاديءَ - پنڇي
توڙي موڙي جيل اڏاڻا

نفرت جي هٽڙن ۾ ايندي
ڳل محبت جا ڪوماڻا

—

•

تڪو ساڻ مون سان ڏني تي سگهين
نه ٿي ساڻ ٻئي سان سهي تي سگهين

وسارڻ ڪان اڳ ۾ هي سوچين ته ها!
’پيلا ڊار مون ڪان رهي تي سگهين؟‘

محبت ته ظاهر ٿئي، ڪيئن تي
نه ٿي ڪجهه چوڻ ڏئين، نه چئي تي سگهين

هجومن ۾ ايڊو نه ٿيو آهيان گم
جي چاهين ته مون کي لهي تي سگهين

حياتي! عجب ڪشمڪش ۾ وڌئي
ٻهين تي نڪو تون، لهي تي سگهين

---

●

’آياز‘ آهي، اُداسيون ۽ تنهايون هن
روئي راتيون، ڏينهن ملهايون هن

ذهن آهي جلڻ لڳو، تنهنجون
بيوفايون جي ياد آيون هن

منهنجون ڳالهيون ٻڌي ۽ لڙڪ ڏسي
تو چيو چريا! اکيون ڀڄايون هن

جيڪي انسانيت سان پيار ٿا ڪن
تن جون ئي زندگيون سڄايون هن

رات ڪاري آڇا ڪُتي ناهي
تو چيو ڏياتيون اڳي آڇهايون هن؟

ايئرڪنڊيشن ۾، هيٺين طبقي جون
جي ڪجن، ڳالهيون آڇايون هن

ديس ڪي ڪيئن ٿا ڀلائي سگهون!
جنهن جون اڻ وسرندڙ ڀلايون هن

—

●

وقت ها ڦٽ جيڪي آديڙي ڇڏيا
وقت آهن وري پاڻ ئي سي سيبيا

پنهنجون درخواستون، سڀ ٿيون دربدر
دشمنن جا سيئي عرض آهن آگهيا

آئين، موتي وئين، پينڊ - پنهن هوس مان
لفظ هيردي ۾ رهجي ويا آڻ - چيا

ذهن کان ياد چنبڙي چميون ٿي وتيون
آس، اوسيئڙي جا ٿي گوڙها آگهيا

ٿڪ پنڙي ورهاست ۾ آيا ها، پر
عيش ۾ پاڻ سي يي آڏائي ڇڏيا

عشق آهنجن کان هيسيل جڏهن به ڏٺم
سهڻي، ميهار، سسئي، پنهون ياد پيا

تون آجا وينو سوچين ”چوان، نه چوان!!؟“
چوڻ وارا ڪڏهن جو، چئي گالهه ويا

—

•

تنهنجا ڳوڙهن سان يار! آلا نيڻ
دل تي ٻڌجي لڳن تا پالا نيڻ

پيارا پرچن روئن، رُسن ٻه روئن
نيڻهن وارن جا هِن نرالا نيڻ

ڪنهن کي چاهِن ته پيار اوتِن تا
ڪنهن سان آتڪن ته ڇڻ جوالا نيڻ

ڪِن جون اکڙيون آنڌيرا، ڪاري رات
ڪِن جا چانڊوڪيون، اُجالا نيڻ

توکي سارن، روئن، تڪِن راهون
ڪهڙا ڪهڙا ڪِڍن ڪشالا نيڻ

آڻ پيتي ٿئي نشو جي ڏِسين
تُنهنجا هن مَڌُ جا پيالا نيڻ

آءٌ چاهيان تو سي ڇُهڻ جيڪي
سنڌ جي سِڪ جا حوالا نيڻ

---

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

•

تنھنجون راھون تڪڻ آجايو آ
توکي ساري روئڻ آجايو آ

توکان پڇندو نہ مون کي پرچائڻ
منھنجو توکان رُسڻ اجايو آ

ڪجھ نہ ڳالهاءِ يار! ڪر ڳالهيون
ايئن چُپ چُپ رھڻ آجايو آ

”ياد آھيان، يا توکان وسري ويس“
بيوفا کان پڇڻ آجايو آ

جي مليو، مُرڪندي ميلو مون سان
منھن سڄائي ملڻ آجايو آ

ھاڻي منزل ڪٿي پرين! نہ ملي
پوءِ بہ واپس ورڻ آجايو آ

ٽٽو ھوندو جو، نيٺ ٽٽندو ئي
دل شڪستو ٿيڻ آجايو آ

---

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

●

ميرا ڪپڙا رهن ٿا، شيو وڌيل
ساري دنيا کان ٿا رهون ڪٽيل

مُنهنجي جيوَن جيان آهن آڇڪلهه
مُنهنجي ڪمري جون هڙ شيون وکريل

ڪنهن گناهه جي سزا جي خوف جيان
ذهن سان ياد ٿي رهي چنبڙيل

تو سواءِ هر گهڙي پرين! آهي
ڪنهن بيوهه جي سينڌ جيان اُجڙيل

روز ٿورڙي ملون، تڏهن به ائين
جيئن ميلي ۾ ڪي ميلن وڇڙيل

ماڻهو سُهڻا، غزل ۽ گُل جهڙا
بيوسيءَ جي صليبَ تي ٽنگيل

---

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

●

جنهن ۾ ڪنهن جو ساٿ نه سنگ
جيون سو ڪاربهر ڏنگ

جڳڙيل پنهنجا جيءُ ائين، جيئن
چٻڙن وچ ۾ وڃندڙ چنگ

انڌلت جهڙا سُپرين! تو بن
جيون پاڻيءَ جيان بي رنگ

جڳ ۾ پيارُ ورهايو، لاهيو
ذهنَ متاران نفرت زنگ

متان وساريــن نــوان نسل! تــون
تــوتي آ، ڌرتــيءَ جــو ننگ

مُنهنجو پنڌ اسان تي جاري
جنهن هند دنيا وارن دنگ

مُنهنجون سوچون سُرها گُل
جن جو پنهنجو رنگ ۽ ڍنگ

—

●

ڏکڻهن کي سارڻ جو آهڃاڻ
نــاســي آکــڙيُن ۾ آلاڻ

بدنُ اوهان جو چوڏهينءَ-چنڊُ
بــادلَ، مَلمل جــو پَهراڻ

سچُ تــہ ڏاڍا گهايلَ آهيون
جڳت! اسان تي ٽيِرُ نــہ تاڻ

جيــڏو مــاڻهو سمجهن ٽـــا
ايــڏو نـاهيان مـــان آڻڃاڻ

تُنهنجي ڪپڙن ۾ خــوشبوءِ
مُنهنجن ســوچُن ۾ سُرهاڻ

ڪنهين وڏي ڏاهي جــا قولَ
تُنهنجون ڳالهيون مُنهنجي ڪاڻ

تُنهنجي سڏ ۾ ســـڏُ ڏيندس
ڌرتي! مون کي ڌار نــہ ڄاڻ

---

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

●

تنهنجي هڪ وينگس، واهڙ!
دل ڪي وجهي وٺي ڏانوڻ

هتلڪو سلڪو سُک ڏيو بس
ڪين گهُرون ٿا خوشيون متي

عجب دؤر آ، هاڻ ته سائين!
چانور نه ڏين ٿا، ڳهاٽا وَٽ

ڪوبه نه جاڳي ٿو جذبو
تُنهنجي آئي يي سانوڻ

شهر سڄي تي جادو چانيل
سارا ماڻهو پنڊ - پڇڻ

اِجهو ڪي آئي رُت- بسنتي
آس ڏياري ٿي پڙن چڙ


Scanned with CamScanner

●

شهرُ اونداهه ۾ ڇو پيو ٻوڙي
پنهنجي وارن کي ڪيرُ ٿو ڇوڙي؟

بيوفا ڪان وفا گهُرڻ وارو
ڇڻ ته پاڻيءَ تي پيرَ ٿو ڪوڙي

پاڻَ جي تا رڳو ملون مُرڪي
جڳ ڪيڏيون ٿو ڪهاڻيون جوڙي

ڪنهن تي ڪائي ميارَ ناهي پرين!
وقتُ ئي ڏاڍو تيز ٿو ڊوڙي

هاڻي شايد وري جُڙي نه سگهان
دردَ آهي ائين ڇڏيو توڙي

—

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

•

چنڊُ چڙهيو جي ڦاهي
تڏهن بہ اونداهہ ناهي

پانُ ڏسي پاڻيءَ ۾
ڪُتو پيو ڀَو باهي

’هو ماڻهو‘ چاهي ٿو
ڪو بہ نہ ڪنهن کي چاهي

ڪيڏو ڏينهن چڙهي ويو—
ڏِسو تہ چادرَ لاهي!

”زهرُ، زهرَ کي ٽوڙي“
سچُ ڇپيو ڪنهن ڏاهي

ڇهرو ڇهرو، ڪندرُ—
آخر هي سڀ ڇاهي؟

آپَ جي گھٽلَ تي لالي!
راتِ ڪُٺو ٿي آهي

—

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

●

هاڻي هرڪو پُڇڻ لڳو آهي
توکي آخر 'آياز'! ٿيو ڇا هي؟

ڀاڻ کي هيلَ تائين دوکو ڏنم
سچُ پُڇو منهنجو ڪوئي ڀي ناهي

زندگيءَ جو هرهڪ قدم ٿو وڃي
موتَ جي رڻَ-پٽن ڏي ٿي ڪاهي

ڪنهن پٿر- دل اهو ٿي چاهي، بس
ڀاڻ کي ڀاڻ ئي ڇڏيان ڊاهي

ڀيا ته ڀيا، جنهن جي ڪاڻ جيئرو رهيس
تنهن به آجُ دل تان آ، ڇڏيو لاهي

مرڻَ تائين اهيا ڪندس ڪوشش
زندگي ڪنهن طرح سگهان ٺاهي

—

●

تنهنجون راهون تڪڻ آجايو آ
توکي ساري روئڻ آجايو آ

توکان پڇندو نه مون کي پرچائڻ
منهنجو توکان رسڻ اجايو آ

ڪجهه نه ڳالهاءِ يار! ڪر ڳالهيون
ايئن چُپ چاپ رهڻ آجايو آ

”ياد آهيان، يا توکان وسري ويس“
بيوفا کان پڇڻ آجايو آ

جي ملو، مُرڪندي ملو مون سان
منهن سڄائي ملڻ آجايو آ

هائي منزل ڪٿي پرين! نه ملي
پوءِ به واپس ورڻ آجايو آ

ٽيٽو هوندو جو، نيٺ ٽيندو ئي
دل شڪستو ٽيڻ آجايو آ

---

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

•

گوري رنگ رنگيلي آهي
جنهن چنچلائي تيلي آهي

هڪڙي تنهنجي ٿي خاطر مون
ڏني دُنيا کي تيلي آهي

ٻن دلين جي ڪاڻ جُدائي
ڪيڏي نه زهريلي آهي

هر هر ڪيتو، هر هر ڪيتو
ڪيڏي ذات هٺيلي آهي

اکڙين - اَيَ تي آگم چانيا
موسم جي تبديلي آهي

ڏسي اسان کي مُنهن نا ڦيريو
اها نه صاف بخيلي آهي

—

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

•

حقيقتون ڪي، ڪي خواب چهرا
سوال چهرا، جواب چهرا

ٿي برف وانگي، رجي وڃي دل
ڏسي ڪري آفتاب چهرا

اکيون انهن کي ٿيون روز پوڇن
پيا وڏائن ثواب چهرا

اسان جي حصي ۾ آيا هردم
ڪي حل نه ٿيندڙ حساب چهرا

پيار جي راهه جا مسافر
هي چند چهرا، گلاب چهرا

ڏين ٿا پنهنجا، پرايا ٻنجي
اسان کي ڪيڏا عذاب چهرا

رهن پيا ڏند وانگي چانيل
ذهن ۾ بي حساب چهرا

---

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

●

جيسين ڪوئي ڏولو نــاهــي
جيونُ گهارڻ سـولو نــاهــي

تنهن کي ڪيئن حياتي چئبو
جنهن ۾ ڪوئي رولـو ناهي

سڀجي سـگهجڻ ناممڪن آ
دل آ، قـاتلُ ڇـولو ناهي

پنهنجي تنها جنگ وڙهان ٿو
ساڻُ ڪو ساٿي، ٽولو ناهي

عيشَ جي ڪاڻ ڪيروڙين رُپيا
پيٽَ ٻڪٽي لئي لـولو ناهي

سيڪو، سيڪـجهه سمجهي ٿو
ڪوئي ڀــالــو ڀـولو ناهي

جا نه ڦهلجي، خوشبوء ناهي
جوڪو نه ڀڙڪي، شُعلو ناهي

ڳالهين ڪان ڇـو ڇيرڪو ٿا!
جذبا هــن، ٻـم-ڳــولو ناهي

—

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

●

هيڪـل دل ويچاري آهـي
چوڌس چـوراڪاري آهـي

سُنـدر سپني جهڙي چـوري
سـوچڻ تـي سـوياري آهـي

رُڳو اسـان وٽ آهـي حياتي
ســا پڻ يار! اُڌاري آهي

ياد اوهان جيءَ سانُ سڄي دل
تـي پئي سُنـدر نـاري آهـي

آپ ۽ ڌرتي مليا اُفقَ وٽ
مـاريـو! ڪارو ڪاري آهـي

دل ســان پنهنجي پيٺي نـاهـي
تـوبهن، تـوبهن زاري آهـي

سُهڻا سائين! اسـان اوهان جـي
ڳالهه ڪڏهن ڪا تـاري آهي!

جيڪا ڳالهه چئي هئي ڪالهه مون
اجُ ســا جڳ اُچـاري آهـي


Scanned with CamScanner

نيٺ گلِن سان ٻـربي جيڪا
ٻَـنَ چِـڻَ چاڙهي ٿاري آهي

مُنهنجي سُهڻي، سادي سنڌڙي
جڳ سڄي تي ڀاري آهي

---

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

●

چورَ آهن وري اُٿيا تترَ جا
بند رکجو، سيپيءَ درَ گهترَ جا

ڪو ٿهڪ ڏيئن، نڪو روئين ۽ رڙن
ماڻهو ٿيندا وڃن پيا پٿرَ جا

سجَ اُڀرڻ سان رنگ رنگ چهرا
روڊَ ڳيهندا وڃن ٿا ڏامرَ جا

ايئن محسوس ٿا ٿين ماڻهو
جيئن شوپيس سنگمرمرَ جا

ڪُجهه سيڪنڊ نهي، ٻهي ويندا
ظُلمَ آهن ڪي ڦونڊڙا جترَ جا

وحشتون دل ۾ ٿيون آچن گهڙنديون
طاقَ نيڪتا پيا آهن درَ جا

ڪنهن آگم جي آسري آهيون
پاڻَ ڏُتيڙيل لڳون پيا ٿترَ جا

---

●

ڪيڏا ٻيا ٻلجن ٿا ڪوٽ
هتڙي اونداهيُن جي اوٽ

ٻَرپٽ ٻرپٽ، ٻنيون – وڻيون
هيسيل هيسيل هاري – گهوٽ

سياڻن جي هيءَ چوڻي آهي
”چالباز“ ئي ڪائين چوٽ“

راتين جا اوجاڳا سوچُون
ماڻهوءَ جي ماضيءَ ڏي موٽ

دُنيا جو ايمان ويا ٿي
ٻگهاڙها، ساوا، نيرا نوٽ

منزل پيرڙا ٿيو بنان ئي
موٽيا جيڪي ها، آئموٽ!

سَنتُ مِڙي ڪيرائيندا هين
پاڻ تہ ڪيرندا ناهن ڪوٽ

—

●

ذهنُ لوچي ۽ لُڇي ڦٿڪي ٿو
پوءِ ئي شعر تہ لِکيو ٿئي ٿو

غمَ، بُرا حالَ، اداسيُون، طعنا
سڀ مون تي ئي مهربانيون ڇو؟

ڪنهن متهل لُڙڪَ لڙي ئي ٿا پون
مان ڀي پٿرُ تہ نہ آهيان لوڪو؟

سُرَ ۽ سُرهاڻ، سواد، پيارَ بنان،
ماڻهو ڇا هي؟ جيئن خالي کوکو

ساري دنيا وڃي مون کان وسري
تون ئي هڪڙو نہ مگر آنءُ وسريو

ايئن ياد آيو، گلابي مُکڙو
ذهن جي آڀَ تي جيئن چنڊُ نِڪتو

آئي جوينَ تي جواني جڏهن
گُل ڪاريءَ مان ڦٽو ۽ وڪريو

---

•

توکان دور رهون تا
ڪيڏا سور سهون تا

ڪوهه ڪشالا سنڌڙي!
تنهنجي ڪاڻ ڪهون تا

تيز ڪئين طوفان
ڪيڏا تار وهون تا

ڏاهڻ وارا! ڏس ڏئون
ڏهندي روز ڏهون تا

مورک ماڻهو آهيون
جاڳي خواب لهون تا

گيتل تي ناهي گوڙهو
توڙي روز ڍهون تا

—

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

●

گهٽَ کي گهٽائڻُ ڏيو
ڪي گهڙيون تہ ڳائڻُ ڏيو

ڪُجھ پهرَ تہ ماٺِ ڪيو
ماٺِ کي ڳالهائڻُ ڏيو

لَٿندي سِجَ کي ڇڏيو
ٽمڪڻ کو ڏيکارڻُ ڏيو

مُنهنجي مُرڪ کي تہ ڏسو
لُڙڪَ کي لِڪائڻ ڏيو

هن ڊٺلَ شهرَ تي ٿي
نئون شهر وَسائڻُ ڏيو

---


Scanned with CamScanner

•

تون جي ايندين سڪ ڪٺي
جيءَ ۾ تو لئه جاءِ گھڻي

ماڻهوءَ ماڻهوءَ منزَ تي منزُ
هنڌُ ڪنو آ، وڃي هٺي

اهڪڙ ٻيڪڙ سِڪَ سنڀالي
هونئن نه ڪنهن وٽ قُربَ ڪٽي

تُنهنجا ٻُسا ٻولَ ٻڌي ويا
پيارَ ٻيپُرَ جا ڦنَ ڇٽي

متلَ ميٺيءَ جا متي متي ۾
غُربت کهڙي تيل ڦٽي

خالي جهولَ جهلي آ مون
ڏاتِ پري ڏي ڏات ڏٺي!

---

چنگ چرندا رهن
پيرّ سُرندا رهن

سچ جا سُرَ سدا
ڪنڌَ گهُرندا رهن

ٻُڪَ ٻاهيُون ڏسي
ڦٽَ ڪُرندا رهن

مُنهن ڪارا پيا
مُلهه ٽُرندا رهن

ديسَ دانهُون ٻُڌي
جيءُ جهُرندا رهن

ريتِ ڪُوڙيءَ سندا
ڀرمَ ڀُرندا رهن

---

●

توسان سينڌڙي! پيارُ ڪيو سي
روزُ نئون الزام ڪنيو سي

اِن ڪان وڏ سچائي ڪهڙي
ڪُوڙ ٻڌو سي، سچ چيو سي

سُڪ سمورا صدقي ڪيا سي
ڪينَ ذهنُ، ضمير وڪيو سي

چند گهڙين جي خوشين ڪارڻ
گهڙيءَ گهڙيءَ جو گهاءُ سٺو سي

جيون جي گاڏي کي اڳتي
مُرڪي مُرڪي ئي گهليو سي

—

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

●

سچُ سُڃاڻيندا، ڏِسجو!
خوشيون آڻيندا، ڏِسجو!

هٿَ، هٿوڙا، زخمي هٿَ
منزلِ ماڻيندا، ڏِسجو!

ويراڳي ڏي سُورن آڏو
سينو تاڻيندا، ڏِسجو!

ٽڳڻ، لٽيرا، لوڀي ماڻهو
ڇاڻي ڇاڻيندا، ڏِسجو!

سچا ماڻهو، ڌرتيءَ وارو
سڳُ سُڃاڻيندا، ڏِسجو

اوندهه کو ڀي روپ وٺي
اوندهه ڇاڻيندا، ڏِسجو!

---

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

●

سنڌُ تــي ســـاهُ ڏيو
آمــر ٿيو، شالَ جيئو!

ٿيي جــڏهن رات ٿري
تـڏهن ٻري، ڏات ڏيئو

منڌُ جي ٻالڪ نہ ڪيو
سُورَ پيئـو، پُورَ پيئو

ڪيڏي اونده آ! وڏي
سِجَ! ڪتان پاءِ ليئو

سِجَ جــو سيڪُ ڏئي
دُور ڪيو، سُورُ سيئو

—

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

•

مُرڪي چِڪيا تي چڙهندو
سو ڏُمي سيني ڪي وٽندو

جاڳي سچُ سدائين آهي
ڇڙهرن تان پردا ڪٽندو

ڏاها ٿيو، سو روپ سُڃاڻو
ديسَ ڪي جو ڏاڙا هٽندو

سچُ سُنت تي چڙهندو اهڙو
ساهُ نه ڪو جنهن ۾ سڙندو

گُل خوشبوءِ ڦهلائي پوءِ ٿي
ٿٽندو، تاريءَ مان ڇٽندو

---

●

پيارَ پريت جا ڪي پُوڄاري
ڪين ڪي گهُرجي مايا مَتَ ُ

ڳُوڙهيون رسمون، ڪوڙي نگري
سچَ ڪي سيکو سمجهي زتُ

ڄڀَ تي تالو، سوچ تي پهرا
ڪَري ڇوي جو، سڌجي ڇتَ ُ

ماڪَ جيان معصوم ڪي ماڻهو
ڪن جي مَنَ تي ڪاري ڪتُ

پاڻَ ٻُڌي ڪو ڏارَ ته ناهيون
مون هاراڻيو، تون ڏي ڪتُ

ڪتنڊا ڪڄهه اهڙا ته وٺي ويا
گُلَ نه ٻانيان تن جو مَتُ

---

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

●

پيارَ جو انتُ آچي ويو آخر
ڏُور هليا ويــا مُنهنجا ميتَ

آڻ مڃيا ويــا وڪامـي
ٻئي جـو سـڀ پيارُ پريتَ

ڪندُ ڪويءَ جو ڪاتَ حوالي
وڇڙيون وايُون، گُم ٿيا گيتَ

سچُ ته سُوليءَ سيجَ تي سُهندو
جيڪا جُونئي جڳَ جي ريتَ

گُلَ! ماکيءَ کان مِٺڙا ماڻهو
جن جي جيتَ، اسان جي جيتَ

—

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

●

قدم پڇي پل پورا ٿيي پئي، اوندهه ساري واٽ
ٽڏهن ٻه جاني! جهٽڪي نه ٿيندي، ڏاتڻ ڏيئي جي لاٽ

مانگر منهن ۾ ماس آڇي پل، ڪنچي گهڙي تي گهيڙبو
واٽ عشق جي جهلي نه سگهندا، ڪنن جا ڪنڙڪاٽ

جيءَ ۾ جذبا جترڪن جترڪن، قيد ڪٿلا ڪيئن ٿيندي؟
گيت پريت جا لکبا رهبا، ڪري ته اوچا ڳاٽ

عشق، مشڪ کي ڪيسين ڍڪبو، نيٺ ته ظاهر ٿيندا
جيڪي چئبو واڪ وڏي سان، ڪين ڪبا سرٻاٽ

نئون صبوح آ، سچ جو سورج، جهان ٿيو نرروار
هن ڌرتيءَ تي هاڻ نه رهندي، ڪاري ڪاري ٻاٽ

ديس سان دلڙي لائي سائين! منزل مائٽ وڃبو
آنڌيارن ۾ پنهنجا رهبر، چاهت جا چمڪاٽ

—

•

قدم پڇي پل پورا ٿيي پئي، اونده ساري واٽ
ٽڌهن ٻه جاني! جهٽڪي نه ٿيندي، ڏات ڏيئي جي لاٽ

مانگر مُنهن ۾ ماس آچي پل، ڪچي گهڙي تي گهيڙبو
واٽ عشق جي جهلي نه سگهندا، ڪُنن جا ڪڙڪاٽ

جيءَ ۾ جذبا جرڪن جرڪن، قيد ڪلا ڪيئن ٿيندي؟
گيت پريت جا لِکبا رهبا، ڪري تہ آوچا ڳاٽ

عشق، مُشڪ ڪي ڪيسين ڍڪبو، نيث ته ظاهر ٿيندا
جيڪي چئبو واڪ وڏي سان، ڪين ڪبا سرپاٽ

نئون صبوح آ، سچ جو سُورج، چاڻ ٿيو نروار
هن ڌرتيءَ تي هاڻ نہ رهندي، ڪاري ڪاري ٻاٽ

ديس سان دلڙي لائي سائين! منزل ماڻڻ وڃبو
آنڌيارن ۾ پنهنجا رهبر، چاهت جا چمڪاٽ

---

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جڏهن به سچَ جو سڏُ ٿئي ٿو
ڪاتُ ڪاتُ ٿو ڪَڙڪي سائين!

ٿڃنَ ۾ سُورن سيجَ سجائي
ٻاهه ٻاهه ٿي پڙڪي سائين!

غُربتَ هردم آنگ اُگهاڙي
لِيڙون لِيڙون لڙڪي سائين!

ڪنهن جي آهه جي ڳالهه نه ڪر تون
ڪڙڪ ڪڙڪ آپ ڪڙڪي سائين!

ڏاڍَ جا ڏونگر ڏارڻ سهنجو
ٻُڪ جڏهن ٿي پڙڪي سائين!

سپنن ۾ پيي توکي ساري
ڌَڙڪ ڌَڙڪ دل ڌَڙڪي سائين!

---

●

هلبو هاڻي لڏي لڏي
ٻي ڦُرين کي ڇڏي ڇڏي

ٻيارَ جو جتڙي پاڇو ملندو
جهُوپو ڇڏبو آڏي آڏي

موٽي مُور نه هاڻي اچبو
ٽڪجي پوندؤ سَڏي سڏي

لُڙڪ وٽي مان مُرڪ ڏيانءِ
آءُ اسان جي تڏي تڏي

جيونُ سارو ٻانَ ڇڏيوسي
گيتن سان گڏُ، گڏي گڏي

---

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

●

هر ڪنهن دل ۾ دردن ڏيرو
ڪاٿي سُک جو ٻيجي ٻيرو؟

وڻ وڻ ويا واسينگ وَڪوڙي
ڳوڙها ڳاڙي آڏريو ڳيرو

عجب انسان جي وستي آهي
چورُ، سادَ جو ڳولي پيرو

ماڻهن سچَ کي سچُ ئي سمجهيو
ڪوڙُ ڪري ويو سو گهو گهيرو

توکي، مون ماڻڪُ سمجهو هو
تون ٻي نڪتين متَن جو ميرو

ويڙهي کي ويران ڏسي ٿو
جلي پيو شاعرَ جو جيرو

’گل‘: سدائين ساڳيو رهندو
ٻلي آچي ماڻهن ۾ ڦيرو

---

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

•

مون سچ ٿ! توسان هر ڳالهه آهي ستلي
تون سدائين ويو آهين، مون کان آلي

ڪڇهه نه ساڄهه ۾ پرو، شهر مان موٽجانءِ
تو سواءِ پَلُ نه، پيارا! رهي دل پتلي

رات هنڙي رهڻ جو بهانو ميلئي
ڳوٺ جي آخري بس وڃڻي جي هتلي!

اڄ ماني ميٺا! ڏؤ ڪري ڪائجانءِ
پيار مان تولئه پيارا! پٽني تم پتلي

ڳالهه پنهنجن، پراون کي چُبي ڪري
ڪو جي ڪاوڙ ڪري تو ڪري پيو پتلي

—

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

•

آءُ ڪيئن ڪا روحَ رهاڻ
دور رهين تو چاهي ڪاڻ؟

ڪاريُن، ڪنڊيُن اکڙيُن ۾
مَتان پيري تون مون لئه آڻ

جيئن جون هي چار گهڙيون
مُرڪي مُرڪي مِٺڙا! ماڻ

ڪيڏو ڏُکندين ڏوهه پنهان
سچُ ڏِکاري او آئِچاڻ!

مُنهنجي مَن جي گهايل گهايل
ڪويل ڪُوڪي تُنهنجي ڪاڻ

روشن روشن مُنهنجون راهُون
چوڏس چاهتَ جي چانڊاڻ

تُنهنجي پيارَ سمائي پيارا!
مُنهنجي شعرن ۾ سُرهاڻ

—

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اسان ڀي اوهان جو ڏنو پيار پيارا!
ڏيئي پوءِ ڪسِي ويئو سمورا سهارا

ڏِسو ڪيئن واٽون وڃايل لهون ٿا
اوهين اَڄُ اکين جا ڪيو جي اِشارا

ڪبوتر جيان آءُ آڏري هليو تون !
رکيا تو لاءِ خالي آتم جيءَ جارا

اسان تي ٻه پَلجي، ڪيو ڪو ڪرم اَڄُ
تکي نيڻَ واٽون تڪا هن آ سارا

وريو آهي ساجنُ! ڏيڻ سُور سانوڻُ
سواءِ تنهنجي هاڻي ٿين ڪيئن گذارا

اوهان جي تہ پيرن برابر ٻہ ناهيون
ڪٿي چنڊ آهي، ڪٿي سائين! تارا

پنهنجي پرين! پيارَ جي بندَ ۾ شل
پٽون نفرتن جا ڪڏهن ڪين گهارا

ڪٿي نيڻَ پينا، جڏهن تو نِهاريو
تڏهن منهنجا تڙپي رُنا شعر سارا

سچائيءَ تي جن جو آچي دنگ ٿئي ٿو
اسان پنهنجي لاءِ چونڊيا، سي ئي چارا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

●

ڪهاڻيون ائين تہ ڪيروڙين تين پر
تيمن ٺينهن جا ٿا فسانا نيارا!

سدا سيمرُ ۾ آ، اسان سُک پاتو
اوهان کي تہ ڏاڍا وڻيا ٿي ڪنارا

اسان ٿي تہ توکي ڏني سونهن آهي
اسان سان ٿي ويڙها آڙي سونهن وارا!

ڏسو ڦيٽو دُنيا جو، اونڌو ڦري ٿو
ٿيون راتيون روشن، ٿيا ڏينهن ڪارا

ڪيون 'گل' سدائين سڀن کي دعائون
تہ "ماڻيو جواني، جيئو شال پيارا!"

---

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

•

سُورن سان جي سينو ساهين
سي ئي عاشق آهين

پيارُ ڪري پڇتائڻ وارا
پيار جي لائق ناهين

تاريخُن ۾ نالو تن جو
ڊوهه ڪي جيڪي ڊاهين

ڪُوڙا ماڻهو ڇڻ پاڻيءَ تي —
ليڪا ويٺا پائين

مِٺڙا ماڻهو، ماڻهُن جي تا
جيءَ ۾ جايُون ناهين

ڪنهن عاشق ڪان پُڇي ڏسو پل
شاعر تيندا چاهين

—

●

پاڻَ وٽ هاڻي يادون رهيون هِن ڇڙيُون
قُربَ جون سپ ئي ٽوڙي هليا ويا ڪڙيُون

پيارُ، سوچُون ۽ سپنا ويا وِڪرجي
هاڻي گهڙيَ ۾ نہ گهاريون وڃن ٿيون گهڙيون

ميٺُ مانداڻَ مان ڪوئي چُوسي ويو
سارو جيونُ ڦِڪو، ساريون ڳالهيون ڪڙيون

متان سُڪي دفن ٿيل، ليي پٺي هتان
آڇو دل جي دردن جون ڪوٺيون ڏڙيون

پنهنجي منزل نہ ڪائي، نہ گهرُ گهاٽُ ڪو
رولَ بادلَ جيان پيا گذاريون گهڙيون

هُل ٿي پيو اڄهو، مُرڪي ڳوڙها اگهو
سانتِ مان هي پُڏو، ڪي آچن پيون رڙيون

---

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

•

ڪويل! پنهنجيءَ "ڪُوڪُوءَ!" ۾ تون، جهيڻو جهيڻو ڳاءِ
متسين تہ دل جو دردُ سُتو آ، تنهن کي ڪين جڳاءِ

پيارُ ڪيوسي، پاڳل ٿياسي، سياڻپ وئي وسري
رُجَ پُنيمان ٿا ڀوڙون ويٺا، اَجَ اَجهائي لاءِ

ٻاهر ڪوجهو ڪارو هانءُ پر، اندر جو هانءُ پيارو
ٻرو چوڻ ڪان اڳ ۾ مُنهنجي مَنَ ۾ جهاتي پاءِ

ڪُونئرا ڪُونئرا، ڪچڙا مَنَ ۾، جاڳيا آهن جذبا
موتُ پري ڪان پيارا! هاڻي آسَ جي آسَ پُڄاءِ

آندن آڏو روئڻ جاني! آهي اڪيُن جو زيانُ
چپَ اسان جا سِبي چون ٿا، "ڪوئي گيتُ ٻڌاءِ!"

هتي ائين ٿي ٿيندو رهندو آهي مُنهنجا دوست!
پنهنجي ڳچيءَ ۾ پاڻ ٻڌائي، پنهنجي سُوليءِ پاءِ

هيرن جهڙيءَ دل کي ويٺا، پٿر جيان ٺُڪرائن
'گل'! انهن آڇائن کي اڄ، تون ٿي ڪُجھ سمجهاءِ

---

●

عُمر ڪيلندي گذارجي سائين!
ڪين روئجي، روئارجي سائين!

لُڙڪ حلُ ڪين هن مسئلي جو
هانءُ پنهنجو نه هارجي سائين!

جنهن جي نيڻن ۾ نينهنُ پلجي پيو
سو ٿي دل ۾ ويهارجي سائين!

ڪڏهن پُلجي ملڻ جي پي ته ڪجي
ڪين وعدي تي تارجي سائين!

ڪوئي بي موت ٿي مري نه وڃي
ڏُور ايڏو نه گهارجي سائين!

پيارَ جي بيڪڙ جو گهُري، تنهن کي
ڪين دَرَ تان ڌِڪارجي سائين!

پيارَ پنهنجي جو ڪُجهه سهارو ڏَئي
ڪنهن جو جيون سنوارجي سائين!

صافُ، سچا، سپاجها ماڻهو جي
تن تي جيونُ به وارجي سائين!


Scanned with CamScanner

هر گهڙيءَ جو سنوسين، گهاءُ نئون
ڇا وساري، وسارجي سائين!

جي ڪُجهه چاهي ڪو، ڪُجهه نه ڏيو ـ
زورُ ايڏو نه ڏارجي سائين!

هلُ ته او ”گل“! هلي آچوڪي رات
ڪنهن جي سپنن ۾ گهارجي سائين!

—

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

●

لـڙي مُنهنجي مـتـنَ ۾ لِـيـئو پاھ تون!
آزل کان رُتل روحُ پرچاھ تون!

وڃهي وَڍ، گهايلُ ڪري جيءَ کي
اڻين پنهنجي پائلِ نہ ڇـمـڪـاھ تون!

هليو آ، پري کان نہ هـتڙا هـيلاھ
اسان تاتِ تنهنجي، نہ تـرساءِ تون!

سفر آ آڻانگو، نـــہ سوچيـنـيـي اڳـي
گهـيـڙي سيـمـر هاٿي نـــہ گهبراھ تون!

ڀلي ٻولَ آئـت جا، ٻولي نـــہ ڪو
وڃي ماڳِ رسبو، نـــہ گهبراھ تون!

وري 'گل'! ورائـي ورئين ذاتِ کي
لِکي شعرَ محفل کـي گـرماھ تون!

—

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

●

وڃي وسـاري ويٺين ڍولَ
جنمَ جنمَ جا ڪيئڙا قولَ

هيلَ ڀي ڪين وريا ونجارا
ڏيرَ ڏيرَ اکڙين، هينئڙي هولَ!

ڪوڏين مٺيهه ڀي ڪين وڪاڻا
اکڙين جا مـوتي اڻمولَ!

دانَ ۾ دمڙي ڪينَ ميڙي
ڪٺي ورياسين خـالي جهولَ

آيَ رُليا هـا رات ڀـي
آسان جيان هي تارا رولَ

جڳ ٻڌي تو ٺهڪ لڳائي
هـي آسان جا ٻـاڙا ٻـولَ

●

ميٺڙا! مُنهنجيءَ نگريءَ آءُ
سدا رهي تُنهنجو سوداءُ

نينهن تہ آهي نانگ مِثل
ڏنگي اُنهيءَ کان هرهر کاءُ

سارو جڳ سُڃاڻي ويو آ
پنهنجو پيارا! لنئون لڳاءُ

پُٺي ڪري ٻہ ڪين ڪندا هِن
پيارُ ڪرڻ وارا پڇتاءُ

هجي ڪٿي ڪيڏو ئي ڪوڙو
جيون پوءِ ٻيي هِيرَ — هڳاءُ

تون ڳولائو خوشين جو
مُنهنجو سورن سان سرچاءُ

مُنهنجو ساٿُ آنهي سان سائين!
جنهن کي گهرو گهرو گهاءُ

ڇڏي هي سارو نينهن-نگر
ڪاڏي ويندين، مُنهنجا ياءُ؟!

مُنهنجي شعرن مان تون ڳول
پنهنجيءَ پيڙا جو پڙلاءُ

—

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

•

اوهان ڪوڙَ کي سچُ ڄاتو سدائين
اسان سچُ آهي سڃاتو سدائين

سنيالي رکن سچَ کي ساهہ ۾ جي
اسان جو انهن سان ٿي ناتو سدائين

اوهان جن کي پنهنجن دَرن تان ڌڪاريو
اسان تن کي سيني سان لاتو سدائين

سَتا سنڌ ۾ خاطر سوين سورَ جن پي
اسان جو اندرُ تن لہ آتو سدائين

اوهان پيار کي پاپُ ڄاتو تا، پلي ڄاتو
اسان پيارَ جو بيجُ پاتو سدائين

اوهان جي تہ آڏو سدا سچَ چوڻ جو
اسان پاڻَ تي ڏوهہ ڇاتو سدائين

ڇڏي جو جلائي آنڌيرن جي نگري
اسان گيتُ اهڙو ڳايو ڳاتو سدائين

---

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

●

ٻتر ڇڏيءَ جهڙيءَ دل وارن سان، جيڪو پريت لڳائيندو
پاڳل ماڻهو روئندي، رلندي، پنهنجو پاڻ وڃائيندو

ڪيرندڙ کي ڪو ڏين سهارو، هيءَ هتان جي ريت نه آ،
هن دنيا ۾ ڪو به نه آهي، روئندن کي پرچائيندو

جيڪي راهُون ويا ميٽائي، پي آڻ چاڙهي واٽ وٺي
تن لءِ نيڻن جا ڪو ڪيسين، ويٺو ديپ جلائيندو

دل کي جوڙي ڪين سگهين تون، توڙي چاڙهين تو
تنهنجيءَ محفل ۾ جو ايندو، ويندو تير وهائيندو

تون تو سمجهين ڏورگذاري، مون کي دوست! وساري سگهندين
پر گڏ گهاريل هر پل پيارا! توکي پيو تڙپائيندو

بي قربن جي دنيا ۾، او قرب ورهائڻ وارا!
هرڪو تنهنجي هيرن جهڙن جذبن کي ٺڪرائيندو

هرڪو خوشيون چاهي تو، ۽ گيت خوشين جا ڳائي ٿو
گل جا گيت غمن جا سائين! ڪير انهن کي ڳائيندو!

---

●

نينهن جو مينهن نِرالو آهي
ڀانڊ رهندو سدا آلو آهي

پيارا! سولو تہ نہ آ، پيار ڪرڻ
ڪاڻُو چڻ ڪو ڪشالو آهي

تنهنجي واتان هي ڪٿڙيون ڳالهيون ڇڻ
لفظ نہ آهن ڪوئي ڀالو آهي

ڀانڊ سقراط جيان آهيون ۽
زندگي زهر جو پيالو آهي

بيوسي، وحشتون ۽ ويرانيون
پنهنجي جيون جو حوالو آهي

ڦيرو محفل ۾ اوهان جي آهي
پاڻ آهيون، نہ پنهنجو نالو آهي

---

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

●

ديوي! دل ۾ يادون تنهنجون، من ۾ تنهنجي مورت آهي
دل ۾ پيار جا ديپ جلائي، پوڄاريءَ جيان پوڄيان ويٺو

تون جي آهين سڀ ڪجهه آهي، تو بن جيون جيون ناهي
گيتن منجهه سي سور سمائي، شاعر ٻڌجي ڳايان ويٺو

هيڪل هيڪل من هي منهنجو، تنهنجي آچڻ جي آس لڳائي
دوڪا روز نوان ڏئي دل کي، نيڻين ننڊ ڦٽايان ويٺو

پرواني جيان پريت آ منهنجي، جنم جنم ۾ جلندو رهندس
تنهنجي ڪارڻ ڏياتيءَ وانگر، جيءَ کي روز جلايان ويٺو

'گل' ٻڌجي سون ڳوليو توکي، باغ باغ ۾، پريتم پيارا!
سيج آيرڻ سان نير ٻڌائي، ماڪ ڦڙا برسايان ويٺو

[جيون جو ٻهريون غزل]

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

●

سڙها ٿـــي پيا ساهہ
خـوشبوءِ پٽلڻي چـاهہ

پيارُ ديــوتــا ڪوئي
اُکيون عـبـادت گـاهہ

دليون آسان جون شاهيون
اسان جيئين ڪي شاهہ

تُنهنجي راهہ تڪيندي
آنـــدا ٿـيـا ويساهہ

تــاريخُن - ســـرمـايـو
لاشـــا ۽ پـيـچ - ڊاهہ

آئتيهہَن ڪان ڪارا ـــ
اونداهيُن جـــا نـاهہ

ماڳِ تہ ’گل‘ گلابي
ڪـنڊڙا ڪـنڊڙا راهہ

—

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

●

غمُ، گھايلُ ڇڏيو ڪري سائين !
آهُ ٽون، ھاڻ ڪو ٽَري سائين !

ٽڪو سُر آهي ۽ ٽڪا سُرهاڻ
ساھه ۾ ٻاهه ٿي ٻَري سائين !

ڏي سگھي ٿو مرڻ جي ويجهو، پر
ڪوبه ڪنهن لئه نٿو مَري سائين !

ياد ڪنهن بيوفا جي راتين جو
ذهن ۾ زهرُ ٿي ڀَري سائين !

وقت آهي ڏنو سهارو جو،
تو سواءِ پيي پٽيي سَري سائين !

مُنهنجي خاموش زندگيءَ ۾ اَڄ
ڇيڄ ڳالهين جا ڪي پِري سائين !

حالتن جي سمونڊ ۾ پيو ٿو
پيارُ پنهنجو ٻڏي، ٽَري سائين !

---

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

●

تون ٿي چُوندين ڪنولَ
لُڙڪَ مُٺون وٺ آجهلَ

مُرڪيو ٻي ڪڏهن
واندڪائيءَ مٿهلَ

دردَ آهن ميليا
تورَ ڪان ٻي آتلَ

راتِ ڪاريءَ ۾ هين
تُنهنجون يادُون مشعلَ

روز ملندين جي تون
روز لکبا غزّل

تُنهنجو چهرو قُرآنُ
مُنهنجا هٿڙا رَحلَ

نانءُ تُنهنجو ٻُڌي
هانوَ ڪاڏي آڇلَ

کهڙا ليکا ڪجن
زندگي چارِ پلَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تـون بـــ ڏوهـي هئين
مـان به ڏوهي ’سچل‘!

سـوچُون سـَهڪن پيون
ذهــنَ آهـــن تـَڪلَ

---

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گھر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

•

عشقَ عجبُ ٿي رنگُ رچايو
تون آئين جڻ ساوڻُ آيو

روزُ اچي ٿيون ننڊ ڦِٽائين
پنهنجن ٻادُن کي سمجهايو

جذبا ماريا ويا سجدي ۾
ٻارؤ! ڪو ڪيڏارو ڳايو

ساري جڳ لئه ڇانوَ ٿياسي
پيارَ حياتيءَ کي ڦهلايو

سچُ پچُ هاڻي روئي پٽبو
هيسيلَ کي ڇو ٿا هيسايو

هاڻي ڏاڍي وحشتَ ٿئي ٿي
ايئن نه، ٽڪڙا رنگ مٽايو

سڀ ڪجهه سمجهيو ويٺا آهيون
ڇا سمجهون؟ ڇا ٿا سمجهايو!

ديوَن جي وَستيءَ ۾ آهيون
باقي ڇا ڪئون ٿا ڇرڪايو؟

خوشبوءِ ڪين ختم ٿي سگهندي
ڇا جي هڪڙو ’گل‘ ڪومايو

—

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

•

چا جي ناهيون هيرن مان
تنهنجي هٿون فقيرن مان

توکي آچيو چورائي
ياگت جي لکيرن مان

تنهنجي آئي ٿي خوشبوء
باک ويل هيرن مان

محبتون لنگهي ويندیون
نفرتن جي تيرن مان

پاڻ آهيون جگت وارؤ!
پيار جي سفيرن مان

دل جا بادشاهه آهيون
توڙي هٿون فقيرن مان

سُک لئه ننديا آهيون
دُک لئه ڪبيرن مان

لعل کي ليي پوندو
دوستؤ! حقيرن مان

جيئي سنڌ جيئي ڪتاب گهر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪيرُ آهي، ناهي جـو
وقتَ جـي آسيرن مان

سنڌ، آهـي آڙجـي وڏـي
پٽڙ، بـاسَ، پيرن مان

---

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

●

چمپا! مُنهنجي غزلن کي
پنهنجي ٿوري خوشبوءِ ڏي

دل چاهي ٿي گيتُ لکان
تُنهنجي ساگرَ نيڻن تي

تون پي پٿرَ ڪٺُ سائين!
تون پي چريو چئُه مون کي

ڪوڙُ ڪيان مان توسان ؟
تون پي مون کي دوکو ڏي

دل ۾ روئيندو هوندو
هُو جو مُرڪي ٿو وِچڙي

مُنهن ڦيري گُذري ويندو
هاڻي ڪاٿي گڏبو جي

ڏِسجو ڪيڏو روئي ٿو
هُو جو ايڏو خوش ٿو ٿي

ڪنهن کي ناهي حقُ اهو
مُنهنجي جيونَ سان کيڏي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

شالَ ڪڏهن ڪو ڪمُ پويس
هونئن تہ شايد ڪين آچي

ڏهنُ تہ ٻوڙي ٿي ويندو
ٻادِ جو درياهُ آٿليو جي

---

●

ساهه ۾ سانڍيلُ ساجنُ آهي
مُنهنجو سارو ڏي ڏَنُ آهي

مَنَ ۾ اهڙا جذبا آهن
جهڙو هُن جو جوڀنُ آهي

توڙي هُو ڀي روزُ ملي ٿو
پوءِ ڀي وڇڙاڻو مَنُ آهي

مُنهنجي چوڌاري اونداهه آ
هُن جو چهرو روشنُ آهي

هُو ڀي مون سان ايئن ملي ٿو
ڄڻ ڪو مُنهنجو دشمنُ آهي

ميٺڙي ميٺڙي ٽڪجي پيو هانءُ
ڪيڏو وڪريل جيونُ آهي

روزُ نتون چهرن جي ڳولا
شهرَ جو شايد فيشنُ آهي

هڪڙي پينگهي ۾ جهُولياهون
غمُ ڀي مُنهنجو ڏي سَنُ آهي

ڪيڏين صديُن تي ڦهليلُ آ
تو بن گذريو جو ڪينُ آهي

●

مصنوعيت کان ٻاهر آهي
ماڻهو ڪيڏو دلبر آهي

هُو ٻي مون کان وِسري ويو آ
ڪيڏي مون کي ويسر آهي

هٿَ ملائڻ کان ٻي ڇيرڪن
مُنهنجو هٿُ ڇڻ ڏوهر آهي

ڇهري تي ظاهر ناهي سو
جيڪو مُنهنجي اندر آهي

فَنُ ڀاڻ تي تخليقون هِن
سامهون خالقَ جو گهر آهي

ماڻهن وچ ۾ هڪڙو ماڻهو
جنهن کو راجا اندر آهي

مالڪَ ٻدران ڳالهائي تو
آخر سچو نوڪر آهي

هُو جو هيڪل ڳيرو آهي
تنهن جي پويان لشڪر آهي

---

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گھر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# سنڌ سلامت

**www.sindhsalamat.com**

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آسانيءَ سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀرپور ساٿ نڀائيندا.

[books.sindhsalamat.com](http://books.sindhsalamat.com)

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book